# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2005

# سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SOCIETIES REGISTRATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1860 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعہ 21 جي داخلا

Insertion of new section 21in of Sindh Act XXI of 1860

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2005

## سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2005

## THE SOCIETIES REGISTRATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

[15 آگسٽ، 2005]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾ ترميم ڪرڻ جي لاءِ درخوست ۾.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سوسائٽي رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾ ترميم ڪرڻ مناسب آهي، ان جي درخواست ۾ سنڌ صوبي کي انهن مقصدن لاءِ جيڪي ظاهر ٿيندا؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2005 سڏيو ويندو.
(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1860 جي سنڌ ايڪٽ XXI جي دفعه 16_A جي ترميم
Amendment of section 16-A of Sindh Act XXI of 1860

2. سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860، ايڪٽ، دفعه 20 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه کي شامل ڪيو ويندو:_

"21. (1) سمورا ديني مدرسا جنهن به نالي سان سڏجن، هن ايڪٽ تحت رجسٽرڊ ٿيڻ کانسواءِ قائم يا ڪم نه ڪندا ۽ هيٺين شقن (2)، (3) ۽ (4) ۾ ڏنل شقن کان علاوه هن ايڪٽ جي ضابطن جي ماتحت هوندا."

(2) هر هڪ ديني مدرسو پنهنجي سرگرمين ۽ ڪارڪردگيءَ جي ساليانى رپورٽ رجسٽرار وٽ جمع ڪرائيندو.

(3) هر هڪ رجسٽرڊ ديني مدرسي کي پنهنجي حقيقي خرچن ۽ رسيدن جو حساب ڪتاب رکڻو پوندو. مختصر عنوان ۽ شروعات. 1860 جي سنڌ ايڪٽ XXI ۾ نئين دفعه 21 جو واڌارو.

(4) ڪو به ديني مدرسو اهڙو مواد نه پڙهائيندو يا شايع

نہ ڪندو، جيڪو ويڙهہ کي هٿي ڏئي يا فرقيواريت يا مذهبي نفرت پکيڙي.

وضاحت:۔ هن دفعہ ۾ ”ديني مدرسہ“ جو مطلب بنيادي طور تي مذهبي تعليم جي لاءِ هڪ ديني ادارو آهي ۽ ان ۾ جامعہ، درالعلوم، اسڪول ڪاليج يا يونيورسٽي شامل آهي يا ڪنهن بہ ٻئي نالي سان سڏيو ويندو، جيڪو بنيادي طور تي مذهبي تعليم ڏيڻ جي مقصد جي لاءِ قائم ڪيو آهي ۽ رهائش جون سهولتون فراهم ڪرڻ.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**